مدني مراڪز (فيضان مدينہ) ۾ شعبہ امام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ

عيدُ الاَضْحيٰ (2026ء / 1447ھ) جو

قرآني بيان

بنام

# قرباني ۾ دل جون ڪيفيتون

ھن بيان ۾ توھان ڄاڻي سگھندؤ...

- ... عيدُ الاضحيٰ جو سڀ کان وڌيڪ پسنديده عمل
- ... اخلاص عمل جي جان آھي
- ... اسان بہ پٽُ قربان ڪريون ٿا (واقعو)
- ... عمل جي قبوليت جا 3 معيار

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی خَاتَمِ النَّبِیّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم:

مَا مِنْ عَبْدَيْنِ مُتَحَابَّيْنِ فِي اللهِ يَسْتَقْبِلُ اَحَدُهُمَا صَاحِبَهُ فَيُصَافِحُهُ وَيُصَلِّيَانِ عَلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم اِلَّا لَمْ يَفْتَرِقَا حَتّٰى تُغْفَرَ ذُنُوبُهُمَا مَا تَقَدَّمَ مِنْهُمَا وَمَا تَاَخَّرَ

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم: الله پاڪ جي خاطر پاڻ ۾ محبت ڪندڙ جڏهن پاڻ ۾ ملن، هٿ ملائن (مصافحو ڪن) ۽ نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم تي درودِ پاڪ موڪلين، تہ انهن جي جدا ٿيڻ کان اڳ ئي ٻنهي جا اڳيان ۽ پويان (صغيره) گناهہ بخشيا ويندا آهن.[1]

---

[1]... مسند ابی یعلی، قتادة عن انس، جلد:3،صفحہ:34، حدیث:2960۔

عاصِیو جُرم کی دوا ہے درود | کیا دَوَا عینِ کیمیا ہے درود
ایک ساعت میں عمر بھر کے گناہ | کرتا مَعْدُوم اور فنا ہے درود
چھوڑیو مت درود کو کافیؔ! | راہِ جنّت کا راہ نُما ہے درود (1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

قَالَ اللہُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰی فِی الْقُرْآنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

لَنْ يَّنَالَ اللّٰهَ لُحُوْمُهَا وَلَا دِمَآؤُهَا وَلٰكِنْ يَّنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْ ؕ

(سيپارو: 17، الحج: 37)

صَدَقَ اللہُ الْعَظِیْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِیُّ الْكَرِیْم صلّی اللہ عَلَیْہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم

**ترجموڪنزُالعرفان:** الله وٽ هرگز نہ انهن جا گوشت پهچن ٿا ۽ نہ انهن جو رت، البتہ توهان جي طرفان پرهيزگاري ان جي بارگاهہ تائين پهچندي آهي.

## سڀ کان عظمت وارو ڏينهن

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اَڄ يَوْمُ النَّحْر (يعني قربانيءَ جو ڏينهن) آهي. هي ذُوالحج جو عشرو(يعني ذوالحج جا شروعاتي 10 ڏينهن جيڪي نهايت ئي فضيلت وارا آهن، ان) جو آخري ڏينهن آهي. حديثِ پاڪ موجب ذوالحج جي ڏهن ڏينهن ۾ هڪ نيڪي جو ثواب 700 ڀيرا يا ان کان بہ وڌيڪ

[1]...کافی کی نعت، صفحہ:39 ملتقطًا۔

ڏنو ويندو آهي،[1] اَج جڻ نيڪين جي هن موسمِ بهار جو آخري ڏينهن آهي، تنهنڪري جيترين ٿي سگهن ◈ اج نيڪيون ڪيون وڃن ◈ وڌ کان وڌ الله پاڪ جو ذڪر ڪريو! ◈ درودِ پاڪ پڙهو! ◈ پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪريو! ◈ اج خاص طور تي صدقي ۽ خيرات جو ڏينهن آهي، قرباني ڪرڻي آهي، قربانيءَ جو گوشت غريبن تائين پهچايو! ◈ مهمانن جي اج وڃ هوندي آهي، سنين سنين نيتن سان مهمان نوازي ڪريو! ◈ صِلهءِ رحميءَ جو ڏينهن آهي، پنهنجن عزيزن ۽ مٽن مائٽن تائين قربانيءَ جو گوشت پهچايو! ◈ سنين سنين نيتن سان مائٽن کي فون ڪري عيد مبارڪ چئو! ۽ سندن حال احوال پڇو! مطلب تہ ڪوشش ڪري اج وڌ کان وڌ نيڪيون ڪري وٺو!

## عيدالاضحيٰ جو سڀ کان پسنديده عمل

حديثِ پاڪ جي مشهور ڪتابن: ترمذي ۽ ابنِ ماجہ ۾ مسلمانن جي پياري امڙ، حضرت عائشہ صديقہ، طيبہ طاهره رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہا کان روايت آهي تہ الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: يَوْمُ النَّحْرِ (قربانيءَ جي ڏينهن) انسان جي عملن ۾ الله پاڪ وٽ سڀ کان وڌيڪ پسنديده عمل (قربانيءَ جي جانور جو) رت وهائڻ آهي. بيشڪ قرباني قيامت جي ڏينهن پنهنجن سڱن، وارن ۽ کُرن سميت آندي ويندي ۽ بيشڪ (قربانيءَ جي جانور جو) رت زمين تي ڪِرڻ کان اڳ ئي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ بلند مقام تي پهچي ويندو آهي.[2]

---

[1]...شعب الايمان، باب فی الصيام، تخصيص ايام العشر من ...الخ، جلد:3، صفحہ:356، حديث:3758۔

[2]...ترمذی، ابواب الاضاحی، باب ما جاء فی فضل الاضحية، صفحہ:383، حديث:1493۔

نشانی ہے وفا کی اور اِک نعمت ہے قربانی
خُدا کے دوست ابراہیم کی سُنّت ہے قربانی
مسلمانو! کبھی قربانی سے پیچھے نہیں ہٹنا
وقارِ دِین ہے، اسلام کی شوکت ہے قربانی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرباني ڪرڻ ۾ دلي ڪيفيتن جي اهميت

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! لکين لَکَ مسلمان قربانيءَ جي سعادت حاصل ڪندا، الله پاڪ سڀني جي قرباني پنهنجي پاڪ بارگاهه ۾ قبول فرمائي. هيءَ ڳالهه ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو تہ قربانيءَ جي قبوليت ۾ سڀ کان وڌيڪ جنهن شيءِ جي اهميت آهي، اها آهي دل جي ڪيفيت الله پاڪ قرآنِ مجيد ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

لَنْ يَّنَالَ اللهَ لُحُوْمُهَا وَلَا دِمَآؤُهَا وَلٰكِنْ يَّنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْ ؕ

ترجمو ڪنزُ العرفان: الله وٽ هرگز نہ انهن جا گوشت پهچن ٿا ۽ نہ انهن جو رت، البتہ توهان جي طرفان پرهيزگاري ان جي بارگاهه تائين پهچندي آهي.
(سيپارو: 17، الحج: 37)

تفسيرِ صراطُ الجنان ۾ هن آيت جي تحت لکيل آهي تہ: زمانۂِ جاهليت ۾ غير مسلم پنهنجي قربانين جي رت سان ڪعبةُ الله جي ڀِتين کي آلوده

ڪندا هئا ۽ سمجهندا هئا ته ائين ڪرڻ سان اسان کي الله پاڪ جو قرب ملندو. پوءِ جڏهن اسلام جو نور چمڪيو، صحابهءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھم حج ڪيو، ۽ قربانيون پيش ڪيون ته انهن جي تعليم لاءِ هيءَ آيتِ ڪريمه نازل ٿي ۽ ٻڌايو ويو ته الله پاڪ جي بارگاهه ۾ نه قربانيءَ جو گوشت پهچندو آهي ۽ نه رت، بارگاهِ اِلاهي ۾ پهچندو آهي، ها! توهان جي طرفان تقويٰ ۽ پرهيزگاري الله پاڪ جي بارگاهه ۾ پهچندي آهي ۽ قرباني ڪندڙ صرف سٺي نيت، اخلاص ۽ تقويٰ جي شرطن تي عمل ڪري ئي الله پاڪ کي راضي ڪري سگهي ٿو.[1]

جانتا ہے بارگاہِ حق کے آئین و اُصول؟
دِل کے ٹکڑوں کی یہاں پر نذر ہوتی ہے قبول

شيخ ابوطالب مڪي رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ هن آيتِ ڪريمه جي جيڪا وضاحت فرمائي آهي، ان جي مفهوم کي ٿورو کولي بيان ڪريان ته مطلب هي ٿيندو ته الله پاڪ فرمائي رهيو آهي: اي منهنجا ٻانهؤ! ◈ توهان گهران نڪتا، ماڻهو توهان کي ڏسي رهيا هئا ◈ توهان مال جي پڙي (منڊي) پهتا، ماڻهو توهان کي ڏسي رهيا هئا ◈ توهان جانور خريد ڪيو، ماڻهو توهان کي ڏسي رهيا هئا ◈ توهان جانور گهر آندو، ماڻهو توهان کي ڏسي رهيا هئا ◈ توهان جانور جي سار سنڀال ڪئي، ماڻهو توهان کي ڏسي رهيا هئا ◈ توهان جانور کي منهنجي نالي تي ذبح ڪيو، ماڻهو توهان کي ڏسي رهيا هئا ◈ توهان جانور جو گوشت پاڻ به پچائي کاڌو ۽ ماڻهن ۾ به ورهائي ڇڏيو، ماڻهو توهان کي ڏسي رهيا هئا. مطلب ته جانور خريد ڪرڻ کان وٺي، ان کي قربان ڪري

[1]...تفسیر نسفی، پارہ:17، سورۂ حج، زیرِآیت:37، جلد:2، صفحہ:442۔

گوشت ڪائڻ ۽ ورهائڻ تائين تنهنجا سڀ عمل ٻين جي سامهون هئا پر هن سڄي وقت ۾ هڪ شيءِ هئي جيڪا صرف منهنجي ۽ توهان جي وچ ۾ هئي، ۽ اها آهي توهان جي دل جي ڪيفيت، بس توهان جي عمل جي قبوليت جو فيصلو هن ئي دلي ڪيفيت تي ڪيو ويندو. اهو ڏٺو ويندو تہ توهان جي دل ۾ تقويٰ هئي يا نہ هئي؟ الله پاڪ وٽ جيڪو قبول آهي، اها ئي دل جي تقويٰ آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! هاڻي اسان پاڻ غور ڪريون ◈ جڏهن اسان جانور خريد ڪرڻ وياسين، تہ دل ۾ نيت ڪهڙي هئي؟ ڇا جانور خريد ڪندي دل ۾ اهو خيال هو تہ ماڻهو ڇا چوندا؟ يا اهو جذبو هو تہ رب جي نالي تي بهتر کان بهتر جانور قربان ڪندس؟ ◈ جڏهن جانور وٺي پاڙي ۾ پهتاسين ۽ ماڻهن ڏسي واهہ واهہ ڪئي هئي، ان وقت دل جي ڪيفيت ڪهڙي هئي؟ ◈ جڏهن دوستن ۽ پاڙيسرين پڇيو تہ جانور ڪيتري جو آيو، تڏهن دل جي ڪيفيت ڪهڙي هئي؟ ◈ جڏهن ٻين جا جانور ڏسي پنهنجي ۽ ٻين جي جانورن جو موازنو (ڀيٽ) ڪري رهيا هئاسين، تڏهن دل جي ڪيفيت ڪهڙي هئي؟ مطلب تہ اسان جي قربانيءَ ۾ گوشت اهو آهي جيڪو اسان ڪائينداسين يا ماڻهن ۾ ورهايو ويندو، رت ڪي مٽي چوسي ويندي، کل ڪنهن مدرسي کي پيش ڪئي ويندي، پر هڪ شيءِ باقي بچندي◈ اسان جي دل جو اخلاص ◈ اسان جي دل جي تقويٰ ◈ اسان جي دل ۾ موجود فرمانبرداري جو جذبو ◈ اسان جي دل ۾ موجود پنهنجي رب جي محبت...!! جيڪڏهن اهي مقدس ڪيفيتون موجود آهن تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِیْم! قرباني قبول ئي قبول آهي، پر

---

[1]... علم القلوب، باب حكم النية فى الاعمال، الاية الاولى فمن ذلک قولہ جل ثناؤ...الخ، صفحہ:166 مفصلاً۔

جيڪڏهن اهي نہ آهن ◈ اخلاص جي جاءِ تي ڏيکاءُ آهي ◈ تقويٰ جي جاءِ تي رڳو گوشت حاصل ڪرڻ مقصد آهي ◈ رب جي محبت جي جاءِ تي پنهنجي سخاوت جو اظهار مقصد آهي، تہ پوءِ معاملو ڏکيو ٿي سگهي ٿو. ان ڪري اڄ جڏهن اسان قرباني ڪنداسين، ان وقت دلين جي ڪيفيتن کي درست رکون!

قرآنِ ڪريم ۽ احاديثِ ڪريمہ ۾ اسان کي اهڙيون ڪيفيتون ٻڌايون ويون آهن، جيڪي قربانيءَ ڪندي وقت انهن ڪيفيتن کي دل ۾ رکڻ تمام ضروري آهن.

## (1): پهرين ڪيفيت: خوش دلي

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: قربانيءَ جو رت زمين تي ڪرڻ کان اڳ الله پاڪ وٽ قبول ٿي ويندو آهي، فَطِيْبُوْا بِهَا نَفْسًا تنهنڪري خوش دليءَ سان قرباني ڪندا ڪيو![1]

پيارا اسلامي ڀائرو! قرباني ڪندي اسان کي پنهنجي دل ۾ جيڪي ڪيفيتون رکڻيون آهن، انهن مان پهرين ڪيفيت خوشي آهي. ڪجھ ماڻهن جي ڪيفيت اهڙي هوندي آهي جو قرباني ڪرڻي تہ نہ هئي، پر چو تہ صاحبِ نصاب هئاسين ۽ قرباني واجب ٿي وئي هئي، تنهنڪري ڪرڻي پئجي وئي...!!

[1]...ابن ماجہ، کتاب الاضاحی، باب ثواب الاضحیۃ، صفحہ:510، حدیث:3126۔

اڄ جي دور ۾ اهو بہ غنيمت آهي تہ هلو الله جو حڪم تہ مڃيو ويو، مالڪِ نصاب ٿي وياسين، قرباني واجب ٿي وئي هئي تہ الحمد لله واجب ادا تہ ڪري رهيا آهيون هيءَ بہ وڏي ڳالهہ آهي پر حديثِ پاڪ ۾ اسان کي ان کان اڳتي جو سبق ڏنو ويو آهي تہ قرباني ڪري رهيا آهيون تہ مجبوراً نہ بلڪ خوشي خوشي ڪريون. جڏهن قرباني ڪري رهيا هجون تہ دل ۾ خوشي هجڻ گهرجي تہ اَلْحَمْدُلِله! اڄ مان پنهنجي رب جي رضا لاءِ قرباني ڪري رهيو آهيان.

## حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي هڪ مبارڪ ڪيفيت

روايتن ۾ اچي ٿو: تہ جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پنهنجي صاحبزادي کي مِنيٰ ۾ وٺي ويا ۽ کيس پنهنجو خواب ٻڌايائون، ارشاد فرمايو:

يٰبُنَیَّ اِنِّیْۤ اَرٰی فِی الْمَنَامِ اَنِّیْۤ اَذْبَحُكَ فَانْظُرْ مَاذَا تَرٰى ؕ

ترجمو ڪنزُ العرفان: اي منهنجا پٽ! مون خواب ۾ ڏٺو تہ مان توکي ذبح ڪري رهيو آهيان. هاڻي تون ڏس تہ تنهنجي ڇا راءِ آهي؟ (سيپارو: 23، الصفت: 102)

ڪتابن ۾ لکيل آهي: تہ جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ائين فرمائي رهيا هئا، تہ ان وقت شهزادي جو چهرو چمڪڻ لڳو ۽ جسم تي ڏڪڻي طاري ٿي وئي. حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پڇيو: پٽ! ڇا ڳالهہ آهي؟ چهري تي هيءَ چمڪ ڇا جي آهي؟ جسم تي هيءَ ڏڪڻي ڇو آهي؟ هاڻي شهزادي جو جواب ٻڌو! عرض ڪيائون: بابا سائين! مان قربان ٿيندس تہ پنهنجي رب جي حضور حاضر ٿي ويندس، هن فاني دنيا کان جدا ٿي جنت ۾ پهچي ويندس. الله پاڪ

منهنجي باري ۾ هي حڪم ان ڪري ڏنو آهي جو هو رب ڪريم مون کان راضي آهي. بيشڪ رب وٽ جيڪي نعمتون تيار آهن، اهي هن دنيا ۽ جيڪو ڪجھ هن دنيا ۾ آهي، انهن سڀني کان بهتر آهن. (بس ان خوشي مان چهرو چمڪي رهيو هو).[1]

عیدِ قرباں جذبۂ ایثار کا اِظہار ہے
یہ اطاعت کا خلیلُ اللہ کی معیار ہے
ہے یہ تسلیم و رضا کی ایک لافانی مِثال
جان دینے کے لئے فرزند بھی تیار ہے
باپ کا حُسنِ عَمَل، بیٹے کا ذَوقِ اِتّباع
اس مِثالی دَاستاں کا مرکزی کِردار ہے

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ آهي اها مبارڪ ڪيفيت جيڪا حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي مقدس دل تي طاري هئي. قربانيءَ وقت سندن چهرو خوشيءَ وچان چمڪي رهيو هو. ڪهڙي ڳالھ جي خوشي...؟ ته اڄ مان پنهنجي رب جي ناليءَ تي قربان ڪيو پيو وڃان...!! سُبْحٰنَ الله!

هن ڪيفيت جي پيروي اسان کي ڪرڻي آهي. قرباني مجبوريءَ مان نه ڪريون پر دل ۾ خوشي هجي، دل جهومندي هجي، ڪاش! الله پاڪ جي محبت دل ۾ جوش هڻندي هجي، دل ئي دل ۾ اهو جذبو اڀري رهيو هجي ته

---

[1]...الرقة والبكاء، الذبيح عَلَيْهِ السّلام، صفحه:84 خلاصةً۔دارالقلم دمشق و دارالسامية بيروت۔

الله حڪم ڏنو تہ مان جانور رب جي نالي قربان ڪري رهيو آهيان، جيڪڏهن حڪم ٿئي ها تہ پنهنجي جان قربان ڪرڻ کان بہ ڪڏهن پوئتي نہ هٽان ها. دل ۾ هڪ حسرت هجي، دل ۾ هلچل هجي تہ ڪيترو خوش نصيب جانور آهي، جيڪو پنهنجي رب جي نالي قربان ٿي رهيو آهي، ڪاش! مان بہ پنهنجي رب جي نالي تي پنهنجو سڀ ڪجهہ قربان ڪري ڇڏيان...!!

یہ اِک جان کیا ہے، اگر ہوں کروڑوں
ترے نام پر سب کو وارا کروں میں (1)

## اسان بہ پٽ قربان ڪريون ٿا

شيخ احمد بن يحيىٰ دمشقي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہِ هڪ نيڪ بزرگ ٿي گذريا آهن، دمشق جا رهواسي هئا. هڪ ڏينهن پنهنجي گهر ۾ والدين سان گڏ ويٺا هئا ۽ کين قرآنِ ڪريم پڙهي ٻڌائي رهيا هئا. تلاوت جي دوران حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جو واقعو آيو، جنهن ۾ قرآنِ ڪريم ٻڌايو تہ ڪيئن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پٽ جي قربانيءَ لاءِ تيار ٿي ويا؟ ۽ ڪيئن حضرت اسماعيل عليه السّلام خوش دليءَ سان پاڻ کي پيش ڪيو. جڏهن اهو واقعو ٻڌائون، تہ سندس امڙ جي دل ۾ جوش آيو، فرمايائون: پٽ احمد! منهنجو صرف هڪ ئي پٽ آهي، مان توکي رب جي نالي تي وقف ڪريان ٿي. وڃ! الله پاڪ جي عبادت ڪر!

شيخ احمد رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہِ فرمائن ٿا: مان گهران نڪتس، مڪي شريف پهتس ۽ ڪعبۃُ الله جي ويجهو رهي عبادت ۾ مشغول رهيس. ڪافي عرصي کان بعد والدين جي ياد آئي، تہ مان گهر موٽي آيس. در کڙڪايم، تہ اندران امڙ

[1]...سامان بخشش، صفحہ:152۔

جو آواز آيو: ڪير آهي؟ مون چيو: توهان جو پٽ احمد آهيان. امڙ در ئي نہ کوليو ۽ اندران ئي چيائون: منهنجو هڪ ئي پٽ هو، جيڪو مان اللہ جي نالي وقف ڪري چڪي آهيان. پٽ! وڃ! اللہ جي عبادت ڪر! دين جي خدمت ڪر! هاڻي قيامت جي ڏينهن ئي ملاقات ٿيندي.[1]

دو عالَم سے کرتی ہے بیگانہ دِل کو | عجب چیز ہے لذّتِ آشنائی[2]

وضاحت: محبت بہ ڪهڙي عجب شيءِ آهي...!! دل مان ٻنهي جهانن جي چاهت مٽائي ڇڏيندي آهي.

خير! پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن اسان قرباني ڪري رهيا هجون تہ دل ۾ خوشي جي ڪيفيت هجي، ايثار ۽ جان نثاري جو جذبو دل ۾ هجي. هي جذبو ئي آهي جيڪو اِنْ شَآءَاللّٰہُ الْکَرِیم! اللہ جي بارگاهہ ۾ قبول ٿي ويندو.

محبت میں اپنی گُما یاالٰہی! | نہ پاؤں میں اپنا پتا یاالٰہی!
مِرا ہر عمل بس ترے واسطے ہو | کر اِخلاص ایسا عطا یاالٰہی!
عبادت میں گزرے مری زندگانی | کرم ہو کرم یاخدا! یاالٰہی![3]

## (2): ٻي ڪيفيت: اِخلاص

پيارا اسلامي ڀائرو! قربانيءَ وقت ٻي ڪيفيت جيڪا اسان جي دل ۾ هجڻ گهرجي، اهو آهي اخلاص. پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

---

[1]...سبع سنابل،سنبلہ سوم در ترک وقناعت وتوکل وتبتل، صفحہ:106۔
[2]...کلیاتِ اقبال، بال جبریل، صفحہ:432۔
[3]...وسائلِ بخشش، صفحہ:105 ملتقطًا۔

فرمايو: مَنْ ضَحّٰى طِيْبَةً نَفْسَهٗ مُحْتَسِبًا لِاُضْحِيَتِهٖ كَانَتْ لَهٗ حِجَابًا مِّنَ النَّارِ جنهن خوش دليءَ سان ۽ خالص الله پاڪ جي رضا لاءِ قرباني ڪئي، ان جي اها قرباني ان لاءِ جهنم کان رڪاوٽ (ڍال) بڻجي ويندي.[1]

سُبْحٰنَ الله! هتي ڏسو، جنهن ڪيفيت ڏانهن اسان جو ڌيان ڇڪايو پيو وڃي، اها آهي مُحْتَسِبًا يعني خالص الله جي رضا مقصود هجي. ان کان سواءِ اسان ڪجهه به نه چاهيندا هجون ◈ نه دنيا جي شهرت ◈ نه پنهنجي واهه واهه ◈ نه ڪا تعريف ◈ نه خودپسندي، ڪجهه به نه! بس هڪ ئي مقصد هجي ته مان قرباني ڪري رهيو آهيان، ڪاش! ان جي صدقي مون کي رب جي رضا نصيب ٿي وڃي.

## حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جي مقدس ڪيفيت

الله پاڪ جي نبي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جن جي ياد ۾ اسان قربانيون ڪندا آهيون، روايتن ۾ آهي: جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام پٽ کي قربانيءَ لاءِ ليٽايو، سندس هٿ بڌي ڇڏيا! پوءِ سندس مٿي وٽ ويهي رهيا، ڇري سندس ڳچيءَ تي رکيائون، پوءِ چيائون:

اِلٰهِي! لَكَ الْحَمْدُ فِي الدَّهْرِ الْبَاقِ، رَزَقْتَنِي الْوَلَدَ عَلٰى كِبَرِ سِنِّي، فَابْتَلَيْتَنِي بِهٰذَا الْبَلَاءِ

اي الله پاڪ! هميشه هميشه تائين تنهنجي ئي ساراهه آهي، تو مون کي پوڙهائپ ۾ پٽ عطا فرمايو، پوءِ ان جي ذريعي هي آزمائش فرمائي، فَاِنْ كَانَ

---

[1]...معجم الكبير، حسن بن علی عن ابيه رَضِيَ اللهُ عنه ، جلد:2، صفحه:213، حديث:2670۔

هٰذَا رِضَالَكَ فَاُسَلِّمُ لِاَمْرِكَ پوءِ جيڪڏهن تنهنجي رضا انهيءَ ۾ ئي آهي تہ مان تنهنجي رضا جي خاطر تنهنجي حڪم اڳيان سر جهڪايان ٿو.[1]

ڪتابن ۾ لکيل آهي: تہ جڏهن حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام هي چيو تہ ملائڪَ بہ رنا ۽ الله پاڪ جي حضور عرض ڪيائون: مولا! هي تنهنجا نبي آهن، انهن مان هڪ (تنهنجي رضا لاءِ) منهن پر ليٽيل آهي، ٻيو (تنهنجي رضا لاءِ) ذبح ڪرڻ لاءِ تيار آهي. پوءِ الله پاڪ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جي بدلي ۾ جنتي دُنبو (گهيٽو) موڪلي ڏنو.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! ان عظيم الشان قربانيءَ جي وقت انهن ٻنهي بلند رتبي وارن نبين سڳورن جي دلين جي اصل ڪيفيت ڪهڙي هئي، اها نہ اسان ڄاڻي سگهون ٿا، نہ اتي پهچي سگهون ٿا، پر اهي روايتون انهن ڪيفيتن جي هڪ جهلڪ ضرور ڏيکاري رهيون آهن. حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن قرباني ڪري رهيا هئا ۽ حضرت اسماعيل عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن قربان ٿيڻ جي لاءِ تيار هئا، انهن ٻنهي جي پيشِ نظر دنيا نہ هئي، پنهنجي واهہ واهہ نہ هئي، پنهنجو مقام، پنهنجو مرتبو، پنهنجي تعريف ڪجهہ بہ مقصد نہ هئي، سندن دليون صرف ان ڳالهہ لاءِ تڙپي رهيون هيون، اها هيءَ تہ الله پاڪ اسان کان راضي ٿي وڃي. معلوم ٿيو تہ قربانيءَ جو اصل فلسفو آهي، اهو آهي ئي الله پاڪ جي رضا. تنهنڪري جڏهن اسان قرباني ڪريون تہ ◈ دل ۾ اخلاص هجي◈ لِلّٰهيت (خدا پرستي) هجي◈ اسان جي اڳيان پنهنجون تعريفون نہ هجن ◈نہ واهہ واهہ هجي◈ نہ ڏيکاءُ هجي ◈هوڏانهن جانور جي

---

[1]...الرقة والبكاء لابن قدامہ، الذبيح عَلَيْهِ السّلام، صفحہ:85۔

[2]...الرقة والبكاء لابن قدامہ ، الذبيح عَلَيْهِ السّلام، صفحہ:85۔

ٻَچِيءَ تي ڇري هلي رهي هجي ۽ هيڏانهن اسان رب جي رضا جي لاءِ مچلندا هجون◈ دل ئي دل ۾ دعائون ڪَري رهيا هجون: اي الله! جيڪو منهنجي وس ۾ هو سو مون ڪيو، اي الله پاڪ هاڻي پنهنجي خليل جي صدقي مون کان راضي ٿي وڃ.

| | |
|---|---|
| مولیٰ مجھ کو نیک بنا دے | اپنی اُلفت دِل میں بَسا دے |
| اپنی رِضا کا دیدے مژدہ | یاالله! میری جَھولی بَھر دے[1] |

## اِخلاص عمل جي جان آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اخلاص ئي عمل جي جان آهي. اها ئي قبوليت جي ڪنجي آهي. عالِم سڳورا فرمائن ٿا: اخلاص کان سواءِ عمل بي جان جسم وانگر آهي، اهو ڄڻ اهڙو وڻ آهي جنهن تي ميوو ناهي لڳندو. تنهنڪري جيئن بي جان جسم دفنائڻ جي لائق هوندو آهي، ائين ئي اخلاص کان سواءِ عمل ڪنهن ڪم جو ناهي. جيئن ميوي کان سواءِ وڻ ٻارڻ جي ڪم ايندو آهي، ائين ئي رياڪاري (يعني ڏيکاءُ) واري عبادت جهنم ۾ وڃڻ جو سبب بڻجي سگهي ٿي.[2]

## هرڻ کي مشڪ ڪٿان ملي؟

توهان ڄاڻو ٿا ته هرڻ هڪ مشهور جانور آهي، دنيا جي بهترين خوشبو جنهن کي ڪستوري چئبو آهي، اها هرڻ جي ذريعي حاصل ٿيندي آهي. هرڻ ۾ اها خوشبو ڪٿان آئي؟ علامه دَمِيري رَحۡمَةُاللهِعَلَيۡهِ حياةُ الحيوان ۾ هڪ روايت

[1]...وسائلِ بخشش، صفحه:121-123ملتقطًا۔

[2]...علم القلوب، باب صفة الاخلاص وطبقات المخلصين بالقلب، صفحه:137۔

لکي آهي، فرمائن ٿا: جڏهن الله پاڪ جا نبي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام دنيا ۾ تشريف کڻي آيا، ڇو ته الله پاڪ جا نبي به آهن ۽ خليفةُ الله بڻجي ڪري تشريف کڻي آيا هئا، جيئن ته زمين تي جيڪي جانور هئا، اهي ڪين خدمت ۾ سلام پيش ڪرڻ لاءِ حاضر ٿيا. هاڻي منظر ڪجهه هيئن هو جو سڀ جانور واري واري سان حاضر ٿي رهيا هئا، حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام هر هڪ جي حسبِ حال انهن جي لاءِ دعائون فرمائي رهيا هئا، ان دوران هرڻ به حاضر ٿيا، حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام هرڻ جي پنيءَ تي پنهنجو هٿ گهمايو ۽ دعا فرمائي، جنهن جي برڪت سان ان مان خوشبو مهڪڻ لڳي. هاڻي جڏهن هي هرڻ واپس ويا، جڏهن ٻين جانورن پڇيو: توهان جي اندر هيءَ خوشبو ڪٿان آئي؟ هرڻن چيو: ته حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي مبارڪ هٿ ۽ دعا جي برڪت آهي. جيئن ته اهي جانور خوشبو جي لالچ ۾ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي خدمت ۾ حاضر ٿيا، حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام انهن جي حق ۾ به دعا فرمائي ۽ انهن جي پنيءَ تي هٿ به گهمايو پر انهن مان خوشبو نه آئي، واپس آيا، هرڻن کان پڇيائون ته اهو ڇو ٿيو، هرڻن کي ٻڌايائون ته: حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام اسان جي پنيءَ تي به هٿ ڦيريو، اسان جي لاءِ به دعا فرمائي پر اسان جي اندر ته خوشبو نه آئي...؟ هرڻن چيو: اسان صرف ۽ صرف الله پاڪ جي رضا خاطر حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي تعظيم ڪرڻ جي لاءِ حاضر ٿيا هئاسين پر توهان جي نيت سندن تعظيم جي نه بلڪ صرف خوشبو حاصل ڪرڻ جي هئي، ان ڪري توهان کي اهي برڪتون نه مليون سگهيون جيڪي اسان کي نصيب ٿي ويون.[1]

الله! الله! ڇا شان آهي..!!

---

[1]...حياة الحيوان، باب الظاء المعجمة، الظبى، جلد:2، صفحه:147۔

جس کا عمل ہو بے غرض، اس کی جزا کچھ اور ہے

حضرت شيخ سلطان باهو رَحْمَةُاللهِعَلَيْهِ لکن ٿا:

جے رَبّ نَہاتِیاں، دَھوتِیاں مِلْدَا، مِلْدَا ڈَڈُواں، مَچھِیاں ھُو

جے رَبّ مِلْدَا مَوْن مُنَایَاں، مِلْدَا بَھیڈاں، سَسِّیاں ھُو

رَبّ اُنہاں نُوں مِلْدا بَاہُو، نِیّتاں جِنہاں دِیاں سَچِّیاں ھُو

**وضاحت:** جيڪڏهن ربّ جو قرب صرف وهنجڻ ڌوئڻ سان ملي ها، ته ڏيڏرن ۽ مڇين کي ملي وڃي ها، (چوته اهي هر وقت پاڻيءَ ۾ رهندا آهن)، جيڪڏهن مٿو ڪوڙائڻ يا وار سنوارڻ سان ملي ها ته رڍن ۽ ٻڪرين کي ملي وڃي ها جو (اون حاصل ڪرڻ جي لاءِ اڪثر انهن جا وارَ ڪتريا، ناهيا ويندا آهن)، اي باهو! ربّ جو قرب ته انهن کي ملندو آهي جن جون نيتون سچيون هونديون آهن.

## عمل جي قبوليت جا 3 معيار

عالم سڳورا فرمائن ٿا: ته نيڪ عمل ٽن شين سان ٺُلبو آهي(1): ٻانهو هي ڄاڻي ته هن عمل جي توفيق الله ئي عطا ڪئي آهي هن سان خودپسندي ختم ٿي ويندي آهي (2): ٻانهو پنهنجي عمل مان صرف الله جي رضا چاهي هن سان رياڪاري ۽ واه واه جي آفت کان بچي ويندو آهي (3): ٻانهو پنهنجي عمل جو ثواب موت کان پوءِ ئي ماڻڻ چاهي هن سان مخلوق جي طرف لالچ

ختم ٿي ويندي آهي.[1] مطلب! پيارا اسلامي ڀائرو! جڏهن اسان قرباني ڪري رهيا هجون ته دل ۾ اخلاص هجي، رضاءِ الاهي تي نظر هجي، ان ڪيفيت سان قرباني ڪنداسين ته اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا ۾ به برڪت ملندي ۽ آخرت ۾ به ڪاميابي نصيب ٿي ويندي.

## دل ۾ نرمي رکي ذبح ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هڪ ٻي پياري ڪيفيت جيڪا قرباني وقت دل ۾ هجڻ گهرجي اها آهي رحم دلي امام شعراني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: ادب هي آهي ته جڏهن اسان جانور ذبح ڪري رهيا هجون، ان وقت به دل ۾ رقت (نرمي) هجي.[2]

يعني الله جي حڪم تي عمل ڪندي اسان جانور کي ذبح ته ڪيون، پر ان جي صورت هيءَ هوندي ته جڏهن اسان جانور جي ڳچيءَ تي ڇُري هلائڻ وقت به اسان جي دل ۾ رحم ئي هجي، ان وقت به اسان جي دل ۾ نرمي ئي هجي، هيئن ڇئي سگهون ٿا ته: ٻانهو الله پاڪ جي حڪم تي عمل ڪندي جڏهن جانور جي ڳلي تي ڇري هلائي رهيو آهي ان وقت به رحم دلي جي وجهه سان انهن جي ذڙڪن تيز ٿي وڃي، اکين ۾ لڙڪ اچي وڃن. ائين دل ۾ نرمي ۽ رحم جون ڪيفيتون رکي ڪري جانور ذبح ڪيو وڃي. هڪ ڀيرو هڪ صحابي رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ بارگاهِ رسالت ۾ عرض ڪيو: يارسولَ الله! مان ٻڪري ذبح ڪندو آهيان ته مون کي ان تي رحم اچي رهيو هوندو آهي. رحمتِ عالَم،

---

[1]...علم القلوب، باب صفة الاخلاص، صفحه:151 ملتقطًا۔

[2]...لواقح الانوار القدسيه ،العهد السابع و السبعون بعد المائة ، جلد:1،صفحه:573 خلاصةً۔

نُورِ مُجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَآلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جيڪڏهن تون ٻڪريءَ تي رحم ڪرين ٿو ته الله پاڪ تو تي رحم فرمائيندو.[1]

هاءِ افسوس! اسان وٽ معاملو ابتڙ آهي. ماڻهو قرباني وقت جانور جو تماشو ڏسي رهيا هوندا آهن، ڪجهه نادان ته جانور کي تڙپندو ڏسي تاڙيون به وڄائيندا آهن بلڪ اڄڪلهه ته انٽرنيٽ ۽ سوشل ميڊيا (*Social Media*) جو دور آهي، ماڻهو ويچارا وڊيوز (*Videos*) ناهي وائرل ڪري رهيا هوندا آهن. الله پاڪ اسان کي هدايت نصيب فرمائي! اهو وقت تماشو ڏسڻ جو ناهي، بلڪ رحم دليءَ سبب لڙڪ وهائڻ جو آهي ان جانور جي خوش نصيبيءَ جو اهو الله پاڪ جي نالي تي قربان ٿي رهيو آهي، ان جي خوش قسمتي تي رشڪ ڪرڻ جو وقت آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! اهي مقدس ۽ مبارڪ ڪيفيتون آهن، جيڪي قرباني جي وقت دل ۾ هجڻ گهرجن (1): الله پاڪ جي حڪم تي عمل ڪري رهيا آهيون، هن ڳالهه جي خوشي هجي، (2): دل ۾ اخلاص جو جذبو موجود هجي (3): جانور لاءِ رحم دلي جو جذبو اسان جي اندر موجود هجي، هي جذبات ۽ ڪيفيتون دل ۾ رکي ڪري قرباني ڪنداسين ته اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! قرباني الله پاڪ وٽ قبول به ٿيندي ۽ ان جي برڪت سان ايمان به مضبوط ٿيندو.

عطا کر دے اخلاص کی مجھ کو نعمت | نہ نزدیک آئے ریا یاالٰہی![2]

---

[1]… مستدرک ،کتابُ معرفة الصحابة ، ذکر قرة بن ایاس رَضِیَ اللہُ عنہ، جلد:4، صفحہ:765، حدیث:6541۔

[2]…وسائلِ بخشش، صفحہ:106 ملتقطًا۔

## قرباني ۾ تقويٰ جا تقاضا

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان آيتِ ڪريمہ ۾ پڙهيو اللہ پاڪ فرمايو:

لَنْ یَّنَالَ اللّٰهَ لُحُوْمُهَا وَ لَا دِمَآؤُهَا وَ لٰكِنْ یَّنَالُهُ التَّقْوٰى مِنْكُمْؕ

ترجموڪنزُالعرفان: اللہ وٽ هرگز نہ انهن جا گوشت پهچن ٿا ۽ نہ انهن جو رت، البتہ توهان جي طرفان پرهيزگاري ان جي بارگاهہ تائين پهچندي آهي.

(سيپارو: 17. الحج: 37)

هيءَ آيت اسان کي سبق ڏئي رهي آهي تہ قربانيءَ کي قبوليت لائق بنائڻ لاءِ تقويٰ جي تقاضن تي عمل ضروري آهي، مثال طور: ◈ قصائيءَ سان معاملو طئي ڪرڻ ۾ شرعي اصول پيشِ نظر هجن ◈ قصائيءَ جي مزدوري پوري ۽ وقت تي ڏني وڃي ◈ جانور گهٽيءَ ۾ اهڙي نموني نہ ٻڌو وڃي جو واٽ ويندڙن کي تڪليف ٿئي، ائين نہ ڪيو وڃي ◈ قربانيءَ ڪرڻ وقت ڪڏهن ڪڏهن رستو بند ڪيو ويندو آهي، ائين ڪرڻ سان ماڻهن جا حق پامال ٿي سگهن ٿا ◈ عوامي رستي تي قرباني ڪئي ويندي آهي، اهڙي صورت ۾ ٻانهن جي حقن جو خيال رکيو وڃي◈ گهٽين ۾ رت ائين ئي نہ ڇڏيو وڃي جو لنگهندڙن جا ڪپڙا خراب ٿين ان کان بچيو وڃي ◈ اوجهڙي ۽ جانور جي اندران نڪرندڙ گندگي گهٽين ۾ نہ اڇلائي وڃي ◈ مطلب تہ صفائي سترائي جو خاص خيال رکيو وڃي ◈ اجتماعي قربانيءَ ۾ گوشت جي ورهاست شرعي اصولن موجب ڪئي وڃي ڪنهن جو بہ حق ضايع نہ ٿيڻ ڏنو وڃي ◈ قرباني جي کلَ ڏيڻ جو واعدو ڪيو اٿوَ تہ لنوائڻ بدران ان کي پورو ڪيو ◈ ڪجھ نادان قربانيءَ جي بهاني معاذَ اللہ! نمازون ڇڏيندا بلڪ ڪجھ تہ نمازون ئي قضا ڪري ڇڏيندا آهن، انهن جو بهانو هوندو آهي تہ ◈

قصائي دير سان آيو هو ◈ قرباني ڪندي جماعت گذري وئي ◈ ڪپڙن تي رت لڳل هو ان ڪري نماز ئي قضا ٿي وئي وغيره، مطلب ته هر اهو ڪم جيڪو گناهه آهي يا گناهه ۾ پوڻ جو انديشو آهي، ان ڪم کان بچڻ ئي تقويٰ جو تقاضو آهي ۽ قرباني ۾ تقويٰ جي تقاضن تي عمل ڪرڻ قربانيءَ کي الله پاڪ جي بارگاهه ۾ قبوليت جي لائق بڻائيندو آهي.

| | |
|---|---|
| دے حُسنِ اَخلاق کی دولت | کر دے عطا اِخلاص کی نعمت |
| مجھ کو خزانہ دے تقویٰ کا | یاالله! مری جھولی بھر دے[1] |

پيارا اسلامي ڀائرو! تقويٰ جي تقاضن ۾ هي به شامل آهي ته قربانيءَ ۾ ◈ اخلاص هجي ◈ ايثار هجي ◈ الله جي رضا لاءِ تن، من ۽ ڌن لٽائڻ جو عزم هجي ◈ جڏهن ڇري گردن تي رکجي ته ٻانهو الله جي محبت ۾ ٻڏل هجي ◈ دل ئي دل ۾ عرض ڪري: مولا! تو جانور جي قربانيءَ جو حڪم ڏنو، مان تنهنجي رضا لاءِ قربان ڪريان ٿو ◈ اِلاهي! نفساني خواهشن کي قربان ڪرڻ توکي محبوب آهي، مولا! اڄ کان تنهنجي رضا لاءِ نفسِ اماره کي ماريان ٿو، اڄ کان پوءِ ڪڏهن به شيطان جي چوڻ تي تنهنجي نافرماني نه ڪندس ◈ اڄ تنهنجي دين خاطر وقت جي قرباني ڏيندس ◈ جڏهن موذن حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ پڪاريندو ته ننڊ کي، پنهنجي دڪان کي، ڪاروبار کي، ۽ دنيا جي ڪم ڪار کي قربان ڪري مسجد ۾ حاضر ٿي ويندُس ◈ بلڪ اي منهنجا پيارا الله پاڪ! نفس جي خواهشن، وقت ۽ مال وغيره ته ڇا، جيڪڏهن

---

[1]...وسائلِ بخشش، صفحه:123۔

تنهنجي رضا لاءِ مون کان جان جي قرباني به گهري وئي ته پوئتي نه هٽندس بلڪ

یہ اِک جان کیا ہے، اگر ہوں کروڑوں | تیرے نام پر سب کو وارا کروں میں (1)

الله پاڪ اسان کي اهڙي باڪمال قرباني ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قربانيءَ جون کلون دعوتِ اسلامي کي ڏيندا!

پيارا اسلامي ڀائرو! هن دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم ”دعوتِ اسلامي“ فيضانِ انبياء ۽ اولياء عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي ◈ دعوتِ اسلامي هينئر تائين هزارين مسجدون ۽ سوين فيضانِ مدينہ (مدني مرڪز) ٺاهي چڪي آهي ◈ ٻارن ۽ ٻارڙين کي الڳ الڳ قرآن جي تعليم ڏيڻ لاءِ دنيا ڀر ۾ هزارين مدرسة المدينہ قائم ٿي چڪا آهن، جتي لکين ٻارڙا مفت تعليم حاصل ڪن ٿا ◈ عالم ۽ عالمہ ڪورس ڪرائڻ لاءِ سوين جامعة المدينہ قائم آهن ◈ شرعي رهنمائي لاءِ دار الافتاءِ اهل سنت قائم آهن ◈ المدينة العلمية (Islamic Research Center)۾ سوين ديني ڪتاب لکيا ۽ ڇپايا ويا آهن.

توهان به خدمتِ دين جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! اڄ عاشقانِ رسول قربانيءَ جي سعادت حاصل ڪندا. سيني کي گذارش آهي ته پنهنجي جانورن جون کلون دعوتِ اسلامي کي ڏيو! توهان جي ڏنل رقم

---

[1]…سامانِ بخشش، صفحہ:152۔

يا ڪل ذريعي دنيا پر ۾ ديني، اصلاحي، روحاني ۽ فلاحي ڪم ڪيا ويندا، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اهو توهان لاءِ صدقہ جاريہ هوندو. ان سان گڏ پاڙي ۾ ۽ مائٽن کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو. حديثِ پاڪ ۾ آهي: ”جنهن ڪنهن ڀلائيءَ جي رهنمائي ڪئي، ان کي ان تي عمل ڪرڻ واري جيترو ثواب ملندو.[1]

عطارؔ سے مَحْبُوب کی سُنَّت کی لے خدمت

ڈنکا یہ ترے دین کا دُنیا میں بجا دے[(2)]

الله پاڪ اسان کي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1]... ترمذی، ابواب العلم، باب ماجاء الدال...الخ، صفحہ:628، حدیث:2671۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:112۔